# بيدل ۽ رام پنجواڻي

November 24, 2007 at 8:27 pm | In History, Poetry, Sindh, Sindhi, سنڌي

## فقيرُ بيدِلَ جو عُرسُ،

پوئين هفتي پڙهُيمِ سُيان کان (نومبر 25) وني تي ڏينهن فقير بيدل جو عُرسُ ملهايو پيو وڃي. فقير جي حياتي ڏاڍي ويچار جوڳي آهي. جوانيءَ ۾ فقيرُ پنج وقتَ نمازي هو. مسيِت وينِدي اجرڪ مٿي تي ورائي مُنهُن ويڙهي هلندو هو تي متان ڪا اهڙي شئي يا آدم ذات آسي پاسي ڏسڻ نہ اچي جنهن سان هِر ڪي وڃي. پَرَ ليکو ڪيرُ مٽائي نہ سگهي! هڪَ ڏينهن نماز پڙهڻَ ويو پي تہ هوا جو جهوڪو لڳو ۽ مُنهَن تان نظر ڍڪيندڙُ لٿو لٿسُ. پاسي ڏسي تہ ڪنهن جوان ڇوڪري تي نظر پيِن. سو دلِ لڳي ڪيرُ جهلي؟ ڏاڍو سُهڻو لڳُنِ ۽ تنهن سان دل ۾ يڪدمَ عشق مجازي جاڳيُنِ. تڏهن نماز جو خيال لهيِ ويُنِ ۽ ڌرم جون رسمُون وري نہ ياد ڪيائون. انهيءَ کان پوءِ فقيِري جي واٽ ڌاريائون ۽ عشق حقيقيءَ جي ڪنهن وڏي منزلَ تي پُڳا. سو پهتل فقير ٿو ڏات ڏي

مذهبَ واري قيدَ کون بيدل    عشقُ ڪندءُ آزادُ

عشقَ جي صوفياڻيِ راهَہ "همہ اوُست" (سڀ هوُ آ. همہ معنا سڀُ) سجاڻڻ جي واٽ. تنهن واٽ ۾ ڌرمَ جا جهيڙا جهٽا ترڪ، رڳو هيڪائي هيڪاند (هيڪاندُ ـ گڏجاڻيِ، هِڪ ٿيڻ واري حالت) جي ڳولها. فقير سائين ٿا ٻڌائِن

صوفي لا مذهب تڪرارُ    هر مذهب مان آ بيزارُ

ڪي ٿا سُنيِ پاڻ سڏائِن    ڪي ٿا شيعا پاڪُ ڪوٺائِن

ڳيِتُ "هَمَہ" جو عاشقُ ڳائِن    عشقَ جو اعلا آ اِسرارُ

عُرسُ لفظ جي عربي معنا شاديءَ جو ڪاڄ. سنڌي ۾ معنا ڪنهن اولياءَ جي ياد ۾ ملهايل ڏِينهن. سو ڏينهن هن فاني دنيا مان لاڏاڻو (وِصال) ڪرڻ جو ڏينهن هوندو آهي ڇو تہ اِهو ماتم نہ پرَ خوشيءَ جو ڪارڻ هوندو آهي... ڇو تہ تنهن ڏينهن عاشق پنهنجي حقيقي محبوب سان ميلاپ ڪري.



"سُکهَڙَ جا حوالَ" واري بِلاگَ تي فقير بيدل جي هڪَ ڪافِي ڏنل آهي. هوُنئن جيسين تائين مانکي خبرَ آهي، سائين بيدل جي عقيدت مندن اجا سندن رِسالو جڳ پکيڙيل جارَ تي نہ وڌو آ. اُميدَ تہ انهيءَ خيرَ جي ڪمَ ۾ بہ ديرَ ناهي. تنهن فقيرَ جي ميلي تي ڪنهن صاحب يا صاحبڻ وِڊيو ڪارِ گذارِي ڪئي هجي تہ پائيوراي ڪندا. جي جڳ پکيڙيل جارَ تي فقير بيدلَ جا ڪلام آوازي درج ٿيل آهِن، تِن بابت بہ لکندا. (مٿيون فوٽون سکر روهڙي پاسي پُلِ جو آهي جيڪو مان 1982 ۾ بيڙيءَ ويندي ڇڪيو هو. سامهون ساڌ بيلو ڏسڻ اچي پيو).

## پروفيسرُ رام پنجواڻِيءَ جنمَ ڏِينهن ورسي

فقيرُ بيدل جي اصوُلُ موجب انسانن ۾ ڪو ڀيد ڪونہ

### آهي هندوُ مومن ايڪُ وچ عقيدي وحدت والي



اهڙن عقيدت مندن جي فهرستَ ۾ سُربڱواسيِ پروفيسر رامُ پنجواڻيءَ جو نالو سونهرن اکرن ۾ لکيل آهي. تازو پڙهيمُ تنهن صوفيءَ جو 97 ئون جنمُ ڏينهن ملهايو ويو. پروفيسرَ بابت بابا مرحومَ کان ٻڌو هومُ جو ٻئي اُترادي سنڌي هئا ۽ شڪارپور پاسي ملندا هُئا. پاڻ ۾ پُراڻيِ سنگت هين (بابا پروفيسرَ کان ڇهه ورهيه وڏو هيو). امان ڳالهه ڪئي ته هڪَ ڀيري هِندَ ۾ ڪنهن ڪانفرنسَ کان موٽندي سندن ممبئي مان لنگهُه ٿيو. سو جينئن موٽي پئي ته پروفيسر دادا رام پنجواڻيءَ کيِ اِها خبر مليِ.. دادا هِڪدمُ ممبئيءَ هوائيِ اڏي تي بابا جي سار لهڻَ پَهچندو آيو.



پروفيسر پنجواڻي سنڌيت جو اوتار هو. سنڌ کا ن پري رهندي, سنڌَ کان ڪڏهن ڌار نه ٿيو ۽ سدائين سنڌڙيءَ جي ياد رهندي هُيِن. سائين پنجواڻي مشهور اديب به هُئا ته راڳي به, دِلو وڃائيدا هُئا ته سَگهائتي آوازَ ۾ ڳائيندا بِه هُئا. هيٺين ڪڙيءَ تي "پوسٽس" تي ٽڙڪُ هڻي ، پهريون پاڱو ٻي نمبر تي, وري ٻيو پاڱو مٿيان ٽرڪَ هڻي ٻڌي سگهندا, يا وريِ انهيءَ ويبَ صُفحي هيٺان MP3 وارن نشانن تي ٽرڪ هڻي ريڪارڊ لاهي سگهو ٿا.

[http://www.gcast.com/u/shikarpuri](http://www.gcast.com/u/shikarpuri)

سندن اِها آخري چونڪيِ ٻنِ پاڱن ۾ ٻُڌي سگهندا, جيڪا چونڪيِ سائينءَ جو سنڌين نالي وصيت نامو به ليکجي. ٻڌندا ته پڌرو بيهندو ته سائينءَ کي پروڙ هُئي ته هِن دنيا ۾ سندن پويون وقت اچي پُڳو آهي; پروفيسر پنجواڻيِ چونڪيءَ کان ٻي ڏينهن لاڏاڻو ڪري ويا. پڇاڙيءَ ۾ آچَ ڪيائون "ڀڳوانَ! ٻيو جنمُ ڏيِن ته وري به سنڌڙيءَ ۾ سنڌوُءَ ڪِناري."